

# هڪ زمانو اهڙو ايندو

26-July-2018

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# هڪ زمانو اهڙو ايندو

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

اُمُّ المؤمنين حضرت سَيدَتُنا عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْها کان روايت آهي تہ نبي رَحمت، شفيعِ اُمّت، محبوبِ ربُّ العزّت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ شفاعت نشان آهي: "مَنْ صَلّٰى عَلَىَّ يَوْمَ الْجُمُعَةِ كَانَتْ شَفَاعَةٌ لَّه عِنْدِی يَوْمَ الْقِيَامَة (يعني) جيڪو شخص جُمُعي جي ڏينهن مون تي دُرُود شريف پڙهندو تہ بروزِ قيامت ان جي شفاعت منهنجي ذِمّہ ڪرم تي هوندي."

(ڪنز العمال،ڪتاب الاذڪار،الباب السادس في الصلاة عليه،الجزء الاول،٢٥٥/١ ،حديث: ٢٢٣٦)

شافعِ روزِ جزا تم پہ کروروں دُرود دافعِ جُملہ بَلا تم پہ کروروں دُرود

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ .

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وجائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اجوڪو دؤر قِيامت جي نشانين ۽ ان کان پهريان ظاهر ٿيڻ وارن بيشمار فتنن سان ڀريل آهي. هر ايندڙ ڏينهن نون نون فتنن سان گڏ ظاهر ٿي رهيو آهي. ڪيتري اَفسوس جي ڳالهہ آهي جو جنهن اُمّت جي حقيقي خَير خواه حُضور نبي ڪريم، محبوبِ ربِّ عظيم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

پنهنجي ظاهري حياتي ۾ فتنن جي دَور جي هولناڪين جي باري ۾ فڪر مند رهندا هئا، آزمائشن، پريشانين ۽ فتنن جي هن هولناڪ زماني ۾ منهنجي اُمّت ڪٿي حق واري واٽ تان ڀٽڪي نہ وڃي، اڄ انهيءَ اُمّت جا ماڻهو انهن فتنن ۾ پئجي پنهنجن ئي هٿن سان دِين ۽ ديانت، حق ۽ اَمانت ۽ باهمي مَحَبَّت و شَرافت جو سر عام قَتلِ عام ڪري رهيا آهن. تنهنڪري حالات هن ڳالھ جي تقاضا ڪري رهيا آهن تہ هر طبقي سان تَعَلُّق رکندڙ مسلمانن تائين نبي غيب دان، مڪي مدني سُلطان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا اهي اِرشاداتِ عالي شان پهچايا وڃن، جن ۾ پياري آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله ڪريم جي عطا ڪيل عِلمِ غَيب جي ذريعي 14 سو سال پهريان ئي موجوده ۽ آئنده دور جي فِتنن جي پيشن گوئي ڪندي اسان کي انهن جي پڙڪندڙ باھ مان اٽڻ وارن شُعلن کان پنهنجو دامن بچائڻ جي ترغيب ڏياري آهي. اچو! هن باري ۾ ڪجھ اَحاديثِ مبارَڪ ۽ ان مان حاصِل ٿيڻ واري نصيحت جا مَدَني گل گڏ ڪريون ٿا، جيئن

## گھروارن جي هٿان هلاڪت

غَيب ڄاڻڻ وارا آقا، مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ماڻهن تي هڪ زمانو اهڙو ايندو جو ان شخص جي علاوه ڪنهن جو دِين محفوظ نہ رهندو، جيڪي پنهنجي دِين کي کڻي (يعني ان جي حفاظت جي خاطر) هڪ جبل کان ٻئي جبل ۽ هڪ غار کان ٻئي غار ڏانهن ڀڄي. ان وقت معيشت (روزي وغيره) جو حصول الله پاڪ کي ناراض ڪرڻ بغير نہ ٿيندو. جڏهن اها صُورتِ حال هوندي تہ انسان پنهنجي ٻارن ٻچن هٿان هلاڪت ۾ پئجي ويندو، جيڪڏهن ٻار ٻچا نہ هوندا تہ والدين جي هٿان ان جي هلاڪت ٿيندي ۽ جيڪڏهن والدين بہ نہ هجن تہ ان جي هلاڪت رشتيدارن يا پاڙيسرين جي هٿان ٿيندي.“ صحابۂ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اهو ڪئين ٿيندو؟ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ”اهي ان کي غُربت تي عار (شرم) ڏياريندا، ان وقت اهو پنهنجو پاڻ کي هلاڪت جي هنڌن ڏانهن وٺي ويندو.“ (الزهد الكبير للبيهقي،الجزء الثاني،فصل في ترك الدنيا...الخ، ص١٨٣، حديث: ٤٣٩)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حديثِ پاڪ ۾ جهڙي طرح مَردن جي لاءِ عبرت ۽ نصيحت جا مَدَني گل آهن، اتي انهن عورتن جي لاءِ به هن ۾ عبرت آهي، جيڪي پنهنجي مڙسن کي انهن جي آمدني تي طرح طرح جا طعنا ڏينديون ڪجهه هن طرح جا تيز تکا جملا چونديون آهن: ”اڙي ڏس! فُلاڻي وٽ ته ڪيئي ڪيئي بنگلا، فيڪٽريون ۽ جائيدادون (Properties) آهن پر اوهان مون کي ڪرائي جي ننڍڙي گهر ۾ ويهاريو آهي، منهنجو ته هتي ساهه ٿو گُهٽجي! مون کي ڪشادو گهر کپي، فُلاڻي کي ته ڏسو هو پنهنجي فيملي سان گڏ عاليشان گاڏين ۾ گُهمي ڦري ٿو پر اوهان مون کي بسن، ٽيڪسين ۽ رڪشن جا ڌڪا کارايو ٿا، فُلاڻي ته لوڊشيڊنگ کان بچڻ جي لاءِ جنريٽر ورتو آهي اوهان گهٽ مان گهٽ يو پي ايس (U.P.S) يا چارجنگ فين ئي وٺي ڏيو، فُلاڻي ته هن عِيد تي پنهنجي ٻارن جي امڙ کي ايترن هزارن جو لباس يا سون (Gold) جو سيٽ ناهرائي ڏنو آهي پر اوهان مون کي عِيد تي سون جي منڊي يا بريس ليٽ يا واليون ئي وٺي ڏيو ها، فُلاڻي ته پنهنجن ٻارن جي امڙ کي فلاڻي شاپنگ مال مان شاپنگ ڪرائي آهي تنهنڪري مون کي به ڪنهن سٺي شاپنگ مال مان شاپنگ ڪرڻي آهي. فُلاڻي کي ڏسو ته ڪيترو خوشحال ٿي ويو آهي، اوهان به ته ڪجهه ڪريو، فُلاڻي جي پگهار لکن ۾ آهي پر اوهان ايترو عرصو ڪم ڪرڻ کان بعد به اتي جا اتي بيٺا آهيو.“ وغيره جڏهن ته ٻارن جون فرمائشون ان جي علاوه آهن. ته روز روز جڏهن اهو شخص فرمائشن ۽ طعنن کي ٻڌندو آهي ته ذِهني اَذِيت ۽ مايوسي ان کي هر پاسي کان وڪوڙي وٺندي آهي، ان کي ڪجهه سمجهه ناهي ايندو ته آخر هو ڪري ته ڇا ڪري، جيئن ته ان کي ٻارن ٻچن جون فرمائشون به پُوريون ڪرڻون هونديون آهن ان وٽ وسائل به گهٽ هوندا آهن، ان ڪري هو انهن جون اجايون فرمائشون پوري ڪرڻ جي لاءِ حرام و حلال جي پروا ڪرڻ بغير ناجائز ذريعا اختيار ڪري پنهنجي قبر ۽ آخرت کي داءُ تي لڳائي ڇڏيندو آهي، جيئن ته

## حلال و حرام جي مُعاملي ۾ بي پرواهي

حضرت سَيدُنا ابُوهرَيره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي ته نبي پاڪ، صاحبِ

لولاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: يَاْتِيْ عَلَى النَّاسِ زَمَانٌ، لَا يُبَالِي الْمَرْءُ مَا اَخَذَ مِنْهُ اَمِنَ الْحَلَالِ اَمْ مِنَ الْحَرَام يعني ماڻهن تي هڪ زمانو اهڙو ايندو جو ماڻهو کي هن ڳالهه جي ڪا پروا نہ هوندي تہ ان (مال) ڪٿان حاصل ڪيو؟ حرام مان يا حلال مان.
(بخاری، کتاب البیوع، باب من لم يبالی من حيث...الخ، ۲/۷، حديث: ۲۰۵۹ )

حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه هن حديث جي شرح ۾ فرمائن ٿا: ”يعني آخري زماني ۾ ماڻهو دِين کان بي پروا ٿي ويندا، پيٽ جي فڪر ۾ هر طرح ڦاسي ويندا، آمدني وڌائڻ، مال گڏ ڪرڻ جي فڪر ڪندا، هر حرام وحلال وٺڻ تي دلير ٿي ويندا جيئن اڄڪلهہ عام آهي.“ (مراٰۃالمناجیح،۴/۲۲۹)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! جن اهل وعيال جي لاءِ اسان ڏينهن رات ڪمايون ٿا، اهي سڀاڻي قيامت جي ڏينهن اسان جي رُسوائي جو سبب بڻجي سگهن ٿا، توڙي جو ماءُ پيءُ گهرواريءَ ٻارن ۽ قرابتدارن جي حُقُوق جي ادائيگي يقيناً اسان جي ئي ذميداري آهي، پر جيڪڏهن اسان انهن جون خواهشون پُوريون ڪرڻ ۽ انهن جي طعنن کان بچڻ جي لاءِ حرام ۽ حلال جي پروا ڪرڻ بغير مال و دولت گڏ ڪندا رهياسين، مشڪل وقت ۾ انهن کي صبرو شڪر، توڪل وقناعت جو ذهن نہ ڏنو ۽ حلال وحرام جي تميز نہ سيکاري تہ ٿي سگهي ٿو تہ سڀاڻي قيامت جي ڏينهن اهي ئي اسان جي خلاف بارگاهِ الٰهي ۾ مُقدمو ڪن ۽ اسان جي پڪڙ ٿي وڃي، جيئن تہ

## بارگاهِ الٰهي ۾ دعويٰ

حضرتِ سَيِدُنا فقيہ ابوللَّيث سَمر قندي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه نَقل ڪن ٿا: مروي آهي تہ مرد سان تعلق رکندڙن ۾ پهرين ان جي زال ۽ اولاد آهي. اهي سڀ (يعني زال ۽ ٻار قيامت ۾) الله پاڪ جي سامهون بيهي ڪري عرض ڪندا: ”اي اسان جا ڪريم رب! اسان کي هن شخص کان اسان جو حق وٺي ڏي، ڇاڪاڻ تہ هن ڪڏهن اسان کي ديني معاملن جي تعليم نہ ڏني ۽ هي اسان کي حرام ڪارائيندو هو، جنهن جي اسان کي خبر نہ هئي.“ پوءِ انهيءَ شخص کي حرام

ڪمائڻ تي ايتري قدر ماريو ويندو جو هن جو گوشت ڇڻي ويندو. پوءِ ان کي ميزان (ساهمي) وٽ آندو ويندو. ملائڪ جبل جي برابر ان جون نيڪيون آڻيندا ته انهيءَ جي خاندان مان هڪ شخص اڳيان وڌي ڪري چوندو: "منهنجون نيڪيون گهٽ آهن." ته هو ان جي نيڪين مان کڻي وٺندو. پوءِ ٻيو اچي ڪري چوندو: "تو مون کي وياج کارايو هو." ۽ ان جي نيڪين مان کڻي وٺندو. اهڙي طرح ان جا گهر وارا انهيءَ جون سڀ نيڪيون کڻي ويندا ۽ هو پنهنجن گهروارن ڏانهن حسرت ۽ مايوسيءَ سان ڏسي چوندو: "هاڻي منهنجي ڳچي تي اُهي گناهه ۽ ظلم رهجي ويا، جيڪي مون توهان جي لاءِ ڪيا هئا." ملائڪ چوندا: "هي اُهو بدنصيب شخص آهي، جنهن جون نيڪيون هن جا گهر وارا کڻي ويا ۽ هي انهن جي ڪري دوزخ ۾ هليو ويو."

(الروض الفائق،الباب الثامن في عقوبة قاتل...الخ، ص۲۰۱)

گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہو گی
ہائے! میں نارِ جہنّم میں جلوں گا یاربّ!
دَردِ سَر ہو یا بُخار آئے تڑپ جاتا ہوں
میں جہنّم کی سزا کیسے سہوں گا یاربّ!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! ان شخص جي بد نصيبي جو ڪهڙو عالَم هوندو جنهن جون سموريون نيڪيون ان جا گهروارا کڻي ويندا ته هو پاڻ ڪنگال ٿي ويندو. تنهنڪري غنيمت سمجهندي غفلت جي ننڊ مان بيدار ٿيڻ گهرجي، الله پاڪ ۽ اُن جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمانبرداري ڪندي پنهنجي اولاد جي دِيني تربيت ڪريو، دُنيوي تعليم جي فِڪر ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجي اولاد کي قرآنِ ڪريم پڙهڻ به سيکاريو وڃي، وضو ۽ غُسل، پاڪي ۽ ناپاڪي وغيره، اسلامي آداب به سيکاريا وڃن، انهن جا اَخلاق به سنوارڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، الله پاڪ ۽ ان جي پياري مَحبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت سيکاري وڃي. آخرت جو فڪر ڏياريو وڃي، موت جي تياري ڪرائي

وجي، مختلف گناهن جي باري ۾ ٻڌايو وجي ۽ انهن گناهن کان بچايو به وجي.

ڪٿي ائين نه ٿئي جو اهو وَقت (Time) اچي جنهن جي نشاندهي اللّٰه پاڪ جي مَحبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائي هئي ته جنهن ۾ سُنّت تي عمل ڪرڻ، دِين تي قائم رهڻ ۽ ان راهه ۾ ايندڙ تڪليفن تي صبر ڪرڻ گهڻو مشڪل هوندو. اچو! هن باري ۾ 2 فرمانِ مُصطفٰے صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌو ۽ پنهنجو پاڻ کي سُنّت جو پابند بڻائڻ جي ڪوشش ڪريو:

## سُنتون اپنائڻ وارو ٽانڊي جهلڻ واري وانگر هوندو

(1) اِرشاد فرمايائون: اَلْمُتَمَسِّكُ بِسُنَّتِي عِنْدَ اِخْتِلَافِ أُمَّتِي كَالْقَابِضِ عَلَى الْجَمْر يعني امت جي (فتني ۽) فساد جي وقت منهنجي سنّت تي عمل ڪرڻ وارو باهه جو ٽانڊو جهلڻ واري وانگر هوندو. (نوادر الاصول، الاصل الثالث عشر،الجزء الاول، ص٦٨، حديث:٨٧)

(2) اِرشاد فرمايائون: يَاْتِيْ عَلَى النَّاسِ زَمَانٌ الصَّابِرُ فِيْهِمْ عَلٰى دِيْنِهٖ كَالْقَابِضِ عَلَى الْجَمْرِ يعني ماڻهن تي اهڙو زمانو ايندو جو انهن ۾ پنهنجي دين تي صبر ڪرڻ وارو ٽانڊو جهلڻ واري جيان هوندو. (ترمذي، كتاب الفتن،باب ما جاء في النهي عن سب الرياح،٤/ ١١٥،حديث: ٢٢٦٧)

حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه بيان ڪيل حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: ”اهو زمانو قيامت جي ويجهو هوندو جنهن جي شروعات اڄ ٿي چڪي آهي. اڄڪلهه ديندار بڻجي رهڻ مشڪل آهي. اڄ ڏاڙهي رکڻ، نماز جي پابندي ڪرڻ مشڪل ٿي ويو آهي. وياج کان بچڻ ته تقريبًا ناممڪن ٿي آهي.“ وڌيڪ فرمائن ٿا: ”جيئن هٿ ۾ ٽانڊو رکڻ تمام وڏي صبر واري جو ڪم آهي اهڙي طرح ان وقت مخلص، ڪامل مسلمان بڻجڻ سخت مشڪل ٿي پوندو.“ (مرآةالمناجيح، ٧/١٧٢ملخصا)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دِين تي هلڻ وارن جي لاءِ آزمائش

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مفتي صاحِب حديث پاڪ جي هي شرح پنهنجي دور مطابق ڪئي هئي ۽ هاڻي تہ ان کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ بيباڪي ۽ بي راهہ روي جو دور هلي رهيو آهي، اها ڳالهہ ڪنهن کان لڪيل ناهي تہ في زمانہ جيڪي اسلامي ڀينرون بُرقعو پائڻ ٿيون، شَرعي پردو ڪن ٿيون ۽ شريعت و سُنّت مطابق زندگي گذارڻ چاهين ٿيون، انهن جي لاءِ سخت آزمائش آهي، جيڪي اسلامي ڀائر شريعت مطابق جائز لباس پائن ٿا، پنهنجي مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجائن ٿا، سُنّتن جا پيڪر بڻجي شريعت وسُنّت جي پابندي ڪرڻ چاهن ٿا، انهن جي لاءِ بہ سخت آزمائش آهي. اهي اسلامي ڀائر ديانت داري سان پنهنجي فرائض جي منصب کي ادا ڪندي وياج ۽ رِشوت جي نحوست کان بچندي رِزقِ حلال ڪمائڻ چاهين ٿا انهن جي لاءِ بہ سخت آزمائش آهي. اهي عاشقانِ رسول جيڪي شريعت جي دائري ۾ رهندي، ناجائز رسمن کان بچندي شادي جي تقريب ڪرڻ چاهين ٿا، انهن جي لاءِ سخت آزمائش آهي. هڪ پاسي تہ مُعاشَري (Society) جا فرد انهن ويچارن کي طرح طرح سان ستائن ٿا، انهن جي دل ڏُکائن ٿا ۽ اُنهن جي حوصَلہ شِڪني ڪن ٿا ۽ ٻي پاسي نيڪ عملن جي بجا آوري ۾ نَفس ۽ شَيطان آڏو ايندا آهن.

اَميرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي هڪ ڪلام ۾ هنن حالتن جي ڪجهہ هن طرح عَڪاسي ڪئي آهي:

تِری سُنّت پہ چلتا ہوں تو طعنے لوگ دیتے ہیں شہنشاہِ مدینہ! نَفس بھی مجھ کو ستاتا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڀاڻ اِنصاف ڪريو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انسان کان غلطيون ٿينديون رهن ٿيون ليڪن افسوس جي ڳالهہ هي آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن مذهبي ۽ دين تي عمل ڪرڻ واري

شخص کان ڪا غلطي ٿي وڃي ته ان کي مشهور ۽ شرمسار ڪيو ويندو آهي، اهڙي طرح اسلام ۽ شريعت و سنّت تي هلڻ وارن کي بدنام ڪيو ويندو آهي، جنهن سبب ماڻهن جي دلين ۾ انهن لاءِ نفرت پيدا ٿيندي آهي، نتيجي ۾ عوام انهن کان مُتَنَفِّر ٿيندو آهي، انهن کي حقارت جي نگاهه سان ڏسندو آهي ۽ پنهنجي دنيا ۽ آخرت برباد ڪندو آهي. اهڙي مشڪل حالتن ۾ دين تي قائم رهڻ ۽ نماز ۽ سنت جي پابند اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي وڌيڪ محتاط رهڻ گهرجي.

ياد رکو: معمولي بي احتياطي به ڪڏهن ڪڏهن وڏي نقصان جو سبب بڻبي آهي جيڪڏهن واقعي اوهان مدني ڪم ڪرڻ چاهيو ٿا ته جيستائين شريعت حڪم نه ڏئي هرگز ڪنهن سُنّي کي پنهنجو مخالف نه بڻايو. اوهان جي هلڻ ڦرڻ کي ماڻهو غور سان ڏسندا هوندا تنهنڪري ڪو اهڙو ڪم نه ڪيو جو دعوتِ اسلامي تي آڱر کڄي.“ بهرحال احتياط جي باوجود مشڪلاتون هجن، ماڻهو طعنا ڏين يا گهر وارا سنتن جي مطابق زندگي گذارڻ ۾ رڪاوٽون وجهن ته گهبرائڻ نه گهرجي جو جنهن ڪم ۾ وڌيڪ مشڪلاتون هونديون آهن ته ان جو ثواب به زياده هوندو آهي. اچو انهيءَ سلسلي ۾ 2 **فرمانِ مصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو .

(1) فرمايائون: افضل ترين عبادت اها آهي جنهن ۾ زحمت زياده هجي. (ڪشف الخفاء،حرف الهمزة مع الفاء، ١/ ١٤١)

(2) فرمايائون: جيڪو امت جي فساد جي وقت منهنجي سنّت کي مضبوطي سان وٺي ان کي سؤ شهيدن جو ثواب ملندو. (الزهد الكبير للبيهقي،ص١١٨، حديث:٢٠٧)

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه انهيءَ حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: ”جڏهن ته شهيد هڪ دفعو تلوار جو زخم کائي پار ٿي ويندو آهي پر هي الله پاڪ جو ٻانهو سڄي عمر ماڻهن جا طعنا ۽ زبانن جا گهاءُ سهندو رهندو

آهي. الله پاڪ ۽ رسول (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي خاطر سڀ ڪجهه برداشت ڪندو آهي. ان جو جهاد، جهادِ اڪبر(نفس جي خلاف جهاد) آهي جيئن هن زماني ۾ ڏاڙهي رکڻ، وياج کان بچڻ وغيره." (مرآۃالمناجیح،۱۲۳/۱)

اي عاشقانِ رسول! اهو ذهن بڻائي ونو ته چاهي ڪجهه به ٿئي اسان ڪي دامنِ مُصطفيٰ ناهي ڇڏڻو.

زمانہ رُوٹھ جائے چھوٹ جائے خلق تو کیا غم    نہ چُھوٹے ہاتھ سے دامن تمہارا یا رسول اللہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ظاهر ۾ دوست، باطن ۾ دشمن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ايندڙ زماني ۾ ظاهر ٿيڻ وارن فتنن جي باري ۾ هڪ حديث شريف ۾ آهي ته نبي پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: "آخري زماني ۾ ڪجهه اهڙا ماڻهو به ٿيندا جيڪي ظاهر ۾ دوست هوندا ۽ باطن ۾ (اندروني طور) دشمن" عرض ڪيو ويو: "يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهو ڇاجي ڪري هوندو؟" ارشاد فرمايائون: "(پنهنجي دنيا ڪي بهتر بڻائڻ جي لاءِ) هڪ ٻئي جي طرف رغبت (لالچ) ۽ هڪ ٻئي کان ڊڄڻ جي ڪري هوندو."

(مسند احمد،مسند الأنصار،۸/ ۲۴۳، حديث: ۲۲۱۱٦)

حڪيمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بيان ڪيل حديث پاڪ تحت فرمائن ٿا: "قيامت جي ويجهو اهڙا ماڻهو(ظاهر) ٿيندا جيڪي پنهنجون نيڪيون ظاهري طور پسند ڪندا ته جيئن ماڻهو انهن جي واه واه ڪن. اڪيلائي ۾ يا ته عمل ڪندا ئي نه يا ڪندا ته معمولي طريقي سان. (وڌيڪ فرمائن ٿا ته) انهن ماڻهن جي دلين ۾ الله پاڪ جو خوف، الله پاڪ جي ذات ۾ اميد نه هوندي يا گهٽ هوندي، ماڻهن جو خوف، ماڻهن ۾ اميد انهن تي غالب هوندي. هن فرمان عاليشان ۾ عالمن، عابدن (عبادت گذار)، زاهد (دنيا کان بي رغبت رکندڙ)، سخي (سخاوت ڪندڙ)، مجاهد وغيره سڀئي داخل آهن. هر عمل

اخلاص سان قبول ٿيندو آهي. انهيءَ ۾ اهي بہ داخل آهن جيڪي ماڻهن سان ظاهري محبت ڪندا ۽ اها بہ غرض جي لاءِ، جڏهن غرض نڪري ويندو تہ دوستي بہ ختم ٿي ويندي.“ (مرآۃالمناجیح،۷/۱۴۰-۱۴۱)

اچو! بارگاھ رِسالت ۾ فرياد ڪريون ٿا:

خُوب مُخلِص بنوں، میں رِیا سے بچوں ہو نگاہِ کرم، تاجدارِ حرم

## منهنجي لاءِ ڪهڙو عمل ڪيو؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو مسلمان جو هر ڪم الله پاڪ جي رضا جي لاءِ هئڻ گهرجي، ايستائين جو جيڪڏهن ڪنهن سان دوستي رکي تہ بہ الله پاڪ جي رضا خاطر ۽ دشمني رکي تہ بہ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ. جيئن

مروي آهي تہ الله پاڪ هڪ نبي وٽ وحي موڪلي تہ فلاڻي زاهد (پرهيزگار) کي چئو تہ تنهنجو زهد ۽ دنيا کان بي رغبتي پنهنجي نفس جي راحت آهي ۽ سڀ کان جدا ٿي ڪري مون سان تعلق رکڻ اها تنهنجي عزّت آهي، جيڪو توتي منهنجو حق آهي ان جي بدلي ۾ تو ڪهڙو عمل ڪيو؟ عرض ڪيائين: ”اي منهنجا ڪريم ربّ! اهو ڪهڙو عمل آهي؟“ ارشاد فرمايائون: ”ڇا تو منهنجي ڪري ڪنهن سان دشمني ڪئي ۽ منهنجي باري ۾ ڪنهن ولي سان دوستي ڪئي؟“ (حلية الاولياء،طبقات اهل المشرق،ذكر جماعة من اعلام البغداديين،۱۰/۳۳۲ ،حديث:۱۵۳۸۴)

اسان کي بہ گهرجي تہ دوستي ۽ دشمني، محبت ۽ نفرت ۽ بلڪ هر قسم جي جائز تعلقات ۾ رضاءِ الٰهي کي پيش نظر رکون جيڪي خوشنصيب الله پاڪ جي لاءِ هڪ ٻئي سان دوستي رکندا آهن، انهن کي مبارڪ هجي تہ اهڙا ماڻهو حديث جي حڪم مطابق ڪامل ايمان وارا آهن ۽ الله پاڪ انهن کي قيامت واري ڏينهن هڪ هنڌ ګڏ ڪندو پڻ اهي خوشنصيب عرش جي چوڌاري ياقوت جي ڪرسين تي ويهندا ۽ جنّت ۾ ياقوت جي ٿنڀن تي مشتمل زبرجد جي

متانهين طبقي تي انهن جا نڪاڻا هوندا. اچو انهيءَ سلسلي ۾ 4 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو. جيئن

## رضاءِ الٰهي جي لاءِ محبّت ڪرڻ وارن جي جزا

﴿1﴾ فرمايائون: جيڪو ڪنهن سان الله پاڪ جي (رضا) لاءِ محبّت رکي، الله پاڪ جي لاءِ دشمني رکي ۽ الله پاڪ جي لاءِ ڏئي ۽ الله پاڪ جي لاءِ منع ڪري، ان پنهنجو ايمان ڪامل ڪري ڇڏيو.
(ابو داود،ڪتاب السنة،باب الدليل علي زيادة...الخ،۴/۲۹۰،حديث: ۴۶۸۱)

﴿2﴾ فرمايائون: ٻن شخصن الله پاڪ جي لاءِ پاڻ ۾ محبت ڪئي ۽ هڪ اوڀر ۾ آهي، ٻيو اولهه ۾، قيامت جي ڏينهن الله پاڪ ٻنهي کي گڏ ڪندو ۽ فرمائيندو: ”هي ئي (اهو) ماڻهو آهي جنهن سان تو منهنجي لاءِ محبّت ڪئي هئي.“
( شعب الايمان،باب في مقاربة...الخ،فصل في المصافحة...الخ،۶/۴۹۲، حديث:۹۰۲۲)

﴿3﴾ فرمايائون: الله پاڪ جي لاءِ محبت رکڻ وارا عرش جي چوڌاري ياقوت جي ڪرسي تي هوندا.
(معجم ڪبير،سليمان بن عطاء ...الخ،۴/۱۵۰، حديث:۳۹۷۳)

﴿4﴾ فرمايائون: جنّت ۾ ياقوت جا ٿنڀ آهن انهن تي زبرجد جا محل آهن، اهي اهڙا ته روشن آهن جيئن چمڪندڙ تارا. ماڻهن عرض ڪيو: ”يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! انهن ۾ ڪير رهندو؟“ فرمايائون: ”اهي ماڻهو جيڪي الله پاڪ جي لاءِ پاڻ ۾ محبت رکندا آهن، هڪ جاءِ تي ويهندا آهن ۽ پاڻ ۾ ملندا آهن.“
(شعب الايمان،باب في مقاربة...الخ،فصل في المصافحة...الخ،۶/۴۸۷،حديث:۹۰۰۲)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته جيڪي خوش قسمت ماڻهو الله پاڪ جي خاطر هڪ ٻئي سان محبّت رکن ٿا، الله پاڪ سڀاڻي قيامت جي ڏينهن انهن کي ڪهڙا ڪهڙا انعام عطا فرمائيندو پر افسوس! اڄڪلهه اسان جي معاشري ۾ مفاد پرستي ايتري قدر ته عام ٿي چڪي آهي جو دنياوي معاملات هڪ ٻئي،

هاڻي تہ ديني معاملن ۾ بہ ماڻهو پنهنجو غرض ۽ پنهنجو مفاد تلاش ڪندا وتندا آهن مثال طور سلام ڪي ئي وٺو، جيڪو اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سنّت مبارڪ آهي بلڪ ابوالبشر حضرت سيدنا آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي بہ سنّت آهي. (مراٰة المناجيح ج 6 ص 313) پر بدقسمتي سان اڄڪلهہ ماڻهن جي اڪثريت انهيءَ سنّت کان غافل نظر اچي پئي. عام مشاهدو آهي تہ جنهن سان ڄاڻ سڃاڻ نہ هجي، ان کي تہ سلام ڪرڻ گوارا ئي نٿو ڪيو وڃي، ايستائين جو جيڪڏهن ڪجهہ ماڻهو ڪنهن جاءِ تہ موجود هجن تہ نئون ايندڙ پنهنجي ٻين مسلمان ڀائرن کي نظر انداز ڪري خاص ماڻهن کي يا صرف ۽ صرف ان شخص کي سلام ڪندو آهي جنهن کي اهو سڃاڻي ٿو ۽ اهو بہ ڪنهن نہ ڪنهن مفاد جي ڪري.

بهرحال اسان کي گهرجي تہ اسان سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن پياري پياري سُنّت تي عمل ڪندي هر مسلمان کي سلام ڪريون چاهي اسان ان کي سڃاڻندا هجون يا نہ . روزانو پابندي سان فڪرِ مدينہ ڪندي مَدَني اِنعامات جو رِسالو پرڻ بہ سلام کي عام ڪرڻ ۽ سلام جي سُنّت تي اِستقامت ماڻڻ جو هڪ بهترين ذريعو آهي، جيئن مدني انعام نمبر 6 ۽ مدني انعام نمبر 9 ۾ ان جي ترغيب موجود آهي.

ميں بن جاؤں سراپا ''مَدَنی اِنعامات'' کی تصوير
بنوں گا نيک يااللہ اگر رحمت تِری ہوگی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم "صَداءِ مدينہ"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي مَحَبَّت حاصِل ڪرڻ جو طريقو ڄاڻڻ، سلام ڪرڻ جي عادت بنائڻ ۽ مَدَني اِنعامات تي عمل جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ

عاشِقانِ رَسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ تي ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ وڏ ڪان وڏ حصو وٺو. ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم ”صداءِ مدينہ“ لڳائڻ بہ آهي. دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول ۾ مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جڳائڻ کي ”صداءِ مدينہ“ لڳائڻ چوندا آهن. هن مدني ڪم جو رِسالو بنام "صداءِ مدينہ" بہ منظرِ عام تي اچي چڪو آهي.

❖ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ”صَداءِ مدينہ“ جي برڪت سان نمازِ تهجد جي سعادت ملي سگهي ٿي. ❖ "صداءِ مدينہ" جي برڪت سان نماز جي حفاظت ٿيندي آهي. ❖ "صداءِ مدينہ" جي برڪت سان مسجد جي پهرين صف ۾ تڪبيرِاُوليٰ سان فجر نماز جي ادائيگي ٿي سگهي ٿي. ❖ "صداءِ مدينہ" جي برڪت سان "نيڪي جي دعوت" ڏيڻ جو ثواب بہ حاصل ڪري سگهجي ٿو. ❖ "صداءِ مدينہ" جي برڪت سان دعوتِ اسلامي جي نيڪ نامي ۽ تشهير ٿيندي. ❖ "صداءِ مدينہ" لڳائڻ وارو باربار مُسلمانن کي حج ۽ منو مدينو ڏسڻ جي دُعا ڏيندو آهي، اللہ پاڪ چاهيو تہ اهي دُعائون، ان جي حق ۾ بہ قبول ٿينديون. ❖ "صداءِ مدينہ" ۾ پيدل هلڻ جي برڪت سان صحت بہ سني ٿيندي. ❖ "صداءِ مدينہ" لڳائڻ مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ آهي، ۽مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ سُنّتِ مصطفيٰ آهي، مسلمانن کي نماز فجر جي لاءِ جاڳائڻ سنت داؤدي آهي، مسلمانن کي نماز فجر جي لاءِ جاڳائڻ سنت حيدري ۽ سنت فاروقي آهي، جيئن

اَمِيرُ المؤمنين حضرت سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡه نمازِ فجر جي لاءِ ماڻهن کي جاڳائيندي مسجد تشريف کڻي ويندا ها. (طبقات کبريٰ، ذکر استخلاف عمر، ٢٦٣/٣مفهوماً) اچو ترغيب طور صداءِ مدينہ لڳائڻ جي هڪ مدني بهار ٻڌو ۽ خوش ٿيو، جيئن

## صَداءِ مدينہ جي بَرَڪت سان فَيضانِ مدينہ جي لاءِ زمين ملي

هڪ اسلامي ڀاءُ عاشِقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دَعوَتِ اِسلامي جي مَدَني قافِلي سان گڏ هڪ شهر ۾ ويا، اَذانِ فَجر کان پوءِ اهي صداءِ مدينہ لڳائيندي وڃي رهيا ها تہ اوچتو هڪ گهر مان هڪ ماڊرن نوجوان انهن سان شامِل ٿيو ۽ ان فَجر جي نَماز مَسجِد ۾ باجَمَاعَت ادا ڪئي. بعد ۾ ان نوجوان جو والِد مَدَني قافِلي وارن عاشِقانِ رسول سان ملڻ آيو. جيڪو هڪ مالدار شخص هو. اُن اچي ٻڌايو تہ صداءِ مدينہ جي بَرَڪت سان ان جو نافرمان ماڊرن (Modern) ٻي نَمازي پٽ پَنج وَقتہ نَماز پڙهڻ لڳو آهي. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان ماڊرن نوجوان جي والِد ان شهر ۾ مَدَني مَرڪز فَيضانِ مدينہ جي لاءِ زمين بہ ڏئي ڇڏي.

لگا فَجر میں بھائی گھر گھر پہ جاکر ذرا دل لگا کر ”صدائے مدینہ“

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ايندڙ زماني ۾ ظاهر ٿيندڙ فتنن جي باري ۾ هڪ حديث شريف ۾ اهو مضمون بہ موجود آهي جو زهد و تقويٰ روايتي ۽ بناوٽي بڻجي ويندو، جهڙي ريت

## زُهد ۽ تقويٰ روايتي ۽ بناوٽي هوندو

اسان جي پياري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: قيامت قائم نہ ٿيندي ايتري قدر جو زهد روايتي ۽ تقويٰ بناوٽي بڻجي ويندو.

(حلية الاولياء،حسان بن ابي سنان، ۱۴۱/۳،حديث:۳۴۲۳)

علامہ عبدالرؤف مناوي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه انهيءَ حديث جي شرح ۾ فرمائن ٿا: ”قصہ ٻڌائيندڙ ۽ وعظ ڪندڙ وانگر ماڻهو صالحن جي زهد و تقويٰ جون روايتون هڪ ٻئي کي ٻڌائي ٻڌائي روئندا ۽ اهڙيون زباني ڪلامي ڳالهيون

ڪندا جيڪي انهن جي دلين ۾ نہ هونديون.“ (فيض القدير، ٥٤٣/٦، تحت الحديث:٩٨٥٦)

## اللّٰه پاڪ سان جنگ جو اعلان ڪرڻ وارا ڪير؟

حضرت عَدِيِ بِن حاتِم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي تہ رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: قيامت جي ڏينهن ڪجھ ماڻهن کي جنت ۾ وڃڻ جو حڪم ڏيندو، ايتري تائين جو جڏهن اهي جنت جي ويجهو پهچي ان جي خوشبو سونگهندا ۽ اتي جا محلات ۽ جنتين لاءِ اللّٰه پاڪ جون تيار ڪيل نعمتون ڏسندا تہ ندا ڏيندي: ”انهن کي واپس ڪيو ڇوتہ انهن جو جنت ۾ ڪو حصو ناهي.“(اها ندا ٻڌي) اهي اهڙي حسرت سان موٽندا جو انهن جهڙي حسرت، انهن کان پهريان ماڻهو نہ موٽيا هوندا. پوءِ اهي عرض ڪندا: ”اي ڪريم ربّ! جيڪڏهن تون انهن نعمتن ڏيکارڻ کان پهريان ئي اسان کي جهنم ۾ داخل ڪرين ها تہ اهو اسان تي آسان هجي ها.“ تہ اللّٰه پاڪ ارشاد فرمائيندو: مون ارادةً توهان سان ائين ڪيو آهي (۽ ان جو سبب هي آهي تہ) جڏهن توهان اڪيلائي ۾ هوندا هيؤ تہ وڏا وڏا گناهہ ڪري مون سان جنگ جو اعلان ڪندا هيؤ ۽ وري جڏهن ماڻهن سان ملندا هيؤ تہ عاجزي نوڙت سان ملندا هيؤ، توهان ماڻهن کي پنهنجي اها حالت ڏيکاريندا هيؤ جيڪا توهان جي دلين ۾ منهنجي لاءِ نہ هوندي هئي، توهان ماڻهن کان ڊڄندا هيؤ ۽ مون کان نہ ڊڄندا هيؤ، ماڻهن جي عزّت ڪندا هيؤ ۽ منهنجي عزّت نہ ڪندا هيؤ ، ماڻهن جي لاءِ برو ڪم ڇڏي ڏيندا هيؤ پر منهنجي لاءِ برائي نہ ڇڏيندا هيؤ، اڄ مان توهان کي پنهنجي ثواب کان محروم ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجي عذاب جو بہ مزو چکائيندس.“

(معجم اوسط، باب الميم،١٣٥/٤-١٣٦، حديث: ٥٤٢٨)

تُو ڈراپنا عنایت کر رہیں اس ڈر سے آنکھیں تر — مٹا خوفِ جہاں دل سے مٹا دنیا کا غم مولیٰ

تُو بس رہنا سدا راضی، نہیں ہے تابِ ناراضی — تُو ناخوش جس سے ہو برباد ہے تیری قسم مولیٰ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قبر جو ڀيانڪ انجام

حضرت سَيِدُنا اِبراهيم تَيمِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: مان مَوت ۽ (مرڻ کان بعد هڏين جي) بوسيدگي کي ياد ڪرڻ جي لاءِ ڪثرت سان قَبرِستان ۾ ايندو ويندو هئس، هڪ رات مان قَبرِستان ۾ هئس تہ مون تي ننڊ غالِب اچي وئي ۽ مان سمهي پيس، مون خواب ۾ هڪ کليل قَبر ڏٺي ۽ هڪ چوڻ واري کي اهو چوندي ٻڌو: اها زنجير پڪڙيو ۽ ان جي وات ۾ داخِل ڪري ان جي شَرَمگاهہ مان ڪڍو. تہ اهو مُردو چوڻ لڳو: اي ربّ ڪريم! ڇا مون قرآن ناهي پڙهيو؟ ڇا مون تنهنجي حُرمَت واري گھر جو حج (Hajj) ناهي ڪيو؟ پوءِ هو اهڙي طرح هڪ ڪان بعد ٻي نيڪي ڳڻائڻ لڳو تہ مون ٻڌو: تون ماڻهن جي اڳيان اهي عمل ڪندو هئين پر جڏهن تون تنهائي ۾ هوندو هئين تہ نافرمانين جي ذريعي مون سان مُقابَلو ڪندو هئين ۽ تو منهنجو ڪجھ خيال نہ ڪيو.

(الزواجر،مقدمة في تعريف الكبيرة، ٣١/١ )

چھپ کے لوگوں سے کیے جس کے گناہ    وہ خبردار ہے کیا ہونا ہے
کام زِنداں کے کیے اور ہمیں    شوقِ گلزار ہے کیا ہونا ہے

اشعارجي مختصر وضاحت: يعني توهان پنهنجي گمان ۾ ماڻهن کان لڪي لڪي گناهہ ڪندا آهيو پر سوچو! الله پاڪ کان ڪيئن لڪندؤ؟ جو تہ اهو توهان جي حال جي خبر رکندو آهي. اسان جي سوچ بہ ڪهڙي ٻارن واري آهي جو ڪم تہ قيد خاني ۾ رهڻ جا آهن ۽ اميدون جنت جي باغن ۾ وڃڻ جون رکيا وينا آهيون.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب!    صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلس ذرائع آمد و رفت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان! الله پاڪ جي عِلاوه ڪنهن ٻي جي لاءِ عمل ڪرڻ ڪيتري قدر تباهہ ڪن آهي جو ان جي نحوست جي ڪري وڏيون وڏيون نيڪيون بہ ضائع ٿي وينديون آهن. تنهنڪري اسان کي گھرجي تہ اسان پنهنجي ظاهر

۽ باطِن کي هڪ رکون، پنهنجي دل ۾ حقيقي خوفِ خدا پيدا ڪريون، رِيا ڪاري جي تباهه ڪارين کان پنهنجو پاڻ کي بچايون، هر عمل صِرف ۽ صِرف رِضاءِ اِلٰهي جي لاءِ ڪيون ۽ اها سوچ ماڻڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته ٿي وڃون.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي تحت ڪم و پيش 104 شعبا قائم آهن، انهن مان هڪ "مجلسِ ذرائع آمد و رفت" به آهي، هن شعبي جو ڪم ائيرلائنز، ائير پورٽس، ريلويز، پبلڪ ٽرانسپورٽ، پرائيوٽ ٽرانسپورٽ، گُڊز اِسٽيشنز ۽ انهن سان لاڳاپيل مُختلِف اِسٽينڊز (مثال طور بس، ٽرڪ، ٽيڪسي، موٽر سائيڪل ۽ سائيڪل اسٽينڊ، تمام قسم جي ورڪشاپس، اسپيئر پارٽس دوڪان وغيره) ۽ مارڪيٽن ۽ شورومن (مثال طور ڪار، رڪشه، موٽر سائيڪل، سائيڪل) سان وابسته اسلامي ڀائرن ۾ عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني پيغام کي عام ڪرڻ ۽ اُنهن کي دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته ڪندي هن مَدَني مَقصَد "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ" جي مطابق زندگي گذارڻ جو مَدَني ذِهن ڏيڻ آهي.

الله ڪرم ايسا ڪرے تجھ پہ جہاں میں　　اے دعوتِ اسلامی تِری دھوم مچی ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! مُعاشَري (سماج) ۾ ڦهليل بُرائين مان هڪ بُرائي اها به آهي ته مسجدن ۾ ويهي دُنيا جون ڳالهيون ڪيون وينديون آهن، جڏهن ته ان جي باري ۾ حديثِ پاڪ ۾ سخت وَعِيد آئي آهي، جيئن

## مسجدن ۾ دنياوي ڳالهيون ٿينديون

سَرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: هڪ زمانو اهڙو ايندو جو مسجدن ۾ دنيا جون ڳالهيون ٿينديون، توهان انهن سان گڏ نه ويهو، ڇوته الله پاڪ کي انهن

سانڪجهه ڪم ناهي. (شعب الايمان، باب في الصلوات، فصل المشي الي المساجد،٨٦/٣، حديث:٢٩٦٢)

حڪيمُ الاُمَّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: ”يعني الله پاڪ انهن تي ڪرم نه ڪندو، نه ته ربّ ڪريم کي ڪنهن بانهي جي ڪا ضرورت ناهي، هو ضرورتن کان پاڪ آهي. (مِرآةالمناجيح،٤٥٧/١)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مسجد ۾ دُنياوي ڳالهيون ڪندڙ ڪيترا بد نصيب آهن جو ڪرم واري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اُنهن جي هم نشيني ۽ صحبت اِختيار ڪرڻ کان به منع فرمايو آهي، پر بدقسمتي سان هاڻي مسجد ۾ دنيا جون ڳالهيون ڪرڻ عام ٿيندو پيو وڃي، عِلمِ دين کان دُوري جي ڪري اڄ مسجد ۾ ويهي اِنتهائي بيباڪي ۽ غيرسنجيدگي (Non-Seriousness) سان نه صِرف دُنياوي ڳالهيون ڪيون وينديون آهن بلڪ جاڻ اڻڄاڻ ۾ ڪيئي اهڙا ڪم ڪيا ويندا آهن جيڪي مسجد جي آداب جي خلاف هوندا آهن.

## مسجد ۾ دنياوي ڳالهيون ڪرڻ جو وبال

ياد رکو: دنيا جي ڳالهين جي لاءِ مسجد ۾ وڃي ويهڻ حرام آهي. مسجد ۾ دنيا جو ڪلام نيڪين کي ائين کائيندو آهي جيئن باهه ڪاٺي کي. اهو مُباح (جائز) ڳالهين جو حڪم آهي پوءِ جيڪڏهن ڳالهيون جيڪڏهن بُريون آهن ته ان جو وبال ڪيترو هوندو، ٻئي سَخت حرام دَر حرام، مُوجِبِ عذابِ شديد (سخت عذاب جو سبب) آهي. (فتاويٰ رضويه، ١١٢/٨)

اهو به ياد رکو ته مسجد ۾ شور ۽ شَر ڪرڻ حرام آهي ۽ دُنيوي ڳالهه جي لاءِ مسجد ۾ ويهڻ حرام، ۽ نماز جي لاءِ وڃي دُنيوي تَذڪرو مسجد ۾ مَڪرُوه ۽ وُضو ۾ بي ضرورت دُنيوي گفتگو نه ڪرڻ گهرجي، ۽ غِيبَت ڪرڻ وارن ۽ تُهمَت لڳائڻ وارن مُنافِقن مُفسِدن (خرابي پيدا ڪرڻ وارن) کي ڪڍائڻ تي قادِر هجي ته ڪڍائي ڇڏجي، جڏهن ته فِتنو نه ٿئي نه ته پاڻ انهن وٽان اٿي وڃي.
(فتاويٰ رضويه، ١١٢/٨)

الله ڪريم اسان کي مسجد جي آداب کي ملحوظِ خاطِر رکڻ جي تَوْفِيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بَيان ۾ اسان ٻڌو تہ

- هڪ زمانو اهڙو ايندو جو دين تي هلڻ مشڪل ٿي ويندو.
- هڪ زمانو اهڙو ايندو جو انسان کي هن ڳالهہ جي ڪا پروا نہ هوندي تہ ان مال حرام کان حاصِل ڪيو يا حلال کان.
- هڪ زمانو اهڙو ايندو جو دِين تي صَبر ڪرڻ وارو ٽانڊو جهلڻ واري وانگر هوندو .
- آخري زماني ۾ ڪجهہ ماڻهو اهڙا هوندا جيڪي ظاهر ۾ دوست ۽ باطِن ۾ دشمن هوندا.
- قِيامت قائم نہ ٿيندي ايستائين جو زُهد رِوَايتي ۽ تَقويٰ بَناوَٽي طور رهجي ويندا.
- هڪ زمانو اهڙو ايندو جو ماڻهو مسجدن ۾ دُنياوي ڳالهيون ڪندا.

الله پاڪ اسان کي هر طرح جي فتني کان محفوظ فرمائي ۽ آخرت جي تياري ڪرڻ جي تَوفِيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## فتنن کان ڪيئن بچووجي؟

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! بيشڪ اڄوڪو دور فتنن سان ڀريل آهي، هر گذرندڙ

ڏينهن سان گڏ ئي هڪ نئون فتنو ڏسڻ اچي ٿو، هاڻي سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته اسان انهن فتنن کان پنهنجي پاڻ کي ڪيئن بچائي سگهون ٿا؟ پوءِ اچو! موجوده دور جي فتنن کان بچڻ جي لاءِ 7 طريقا پيشِ خدمت آهن، ٻڌو ۽ عمل جي ڪوشش ڪيو.

(1) فتنن کان حفاظت ۽ ايمان جي سلامتي جي لاءِ چڱي صحبت اختيار ڪيو. هلندڙ زماني ۾ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي چڱي صحبت ماڻڻ جو هڪ بهترين ذريعو آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي مسلمانن کي فتنن کان بچائيندي، انهن کي ايمان جي سلامتي جو ذهن ڏيندي ۽ انهن کي حقيقي معنٰي ۾ سنت جو آئينه دار بڻائيندي آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن مدني ماحول کان وابسته ٿيڻ جي برڪت سان هاڻي تائين بيشمار ماڻهن جي اصلاح ٿي آهي، نه صرف انهن جو بلڪ انهن جي نسلن جو ايمان محفوظ ٿي ويو. (2) پنهنجي پاڻ کي فتنن کان بچائڻ جي لاءِ ضرورت جي علاوه گهر کان ٻاهر نڪرڻ کان بچو جو انهيء ۾ عافيت آهي. ڪڏهن ڪڏهن انسان پنهني نفس تي اعتماد ڪندي بغير ضرورت گهر کان ٻاهر نڪري پوندو آهي پر ناواقفي ۾ ڪنهن نه ڪنهن فتني جو شڪار ٿي گمراهي جي گهري کڏ ۾ ڪري پوندو آهي، تنهنڪري هن معاملي ۾ پنهنجي نفس تي بلڪل به اعتماد نه ڪرڻ گهرجي ڇو ته نفس تي اعتماد ڪرڻ وارو وڏي ڪوڙي تي اعتماد ڪندو آهي. (غيبت جون تباهه ڪاريون، 254) (3) هن نئين دور ۾ سوشل ميڊيا فتنن کي پکيڙڻ جو هڪ خطرناڪ هٿيار بڻجندو پيو وڃي، اسلام جون دشمن قوتون پنهنجي مقصدن جي خاطر ان جو غلط استعمال ڪري ظاهر طور تي اسلام جي شعار جو مذاق اڏائي رهيون آهن، سوشل ميڊيا جي ذريعي اسلام جي خلاف سازشون ڪيون پيون وڃن، انهيء جي ذريعي مسلمانن کي بي حيائي ۽ فحاشي جي گند ۾ ڌڪيو پيو وڃي، تنهنڪري سوشل ميڊيا جي تباهه ڪارين کان پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي نسلن کي بچائي رکو، بالفرض ان کان بغير گزارو نه هجي ته پوءِ دارالافتا اهلسنت کان ان باري ۾ شرعي رهنمائي ضرور

حاصل ڪيو. (4) دعوت اسلامي جي تحت مختلف مسجدن ۾ روزانو عشاء جي نماز کان پوءِ لڳڻ واري مدرسة المدينہ بالغان ۾پڙهڻ پڙهائڻ بہ فتنن کان بچڻ ۾ گهڻو معاون ۽ مددگار آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدرسة المدينہ بالغان جي برڪت سان عاشقانِ رسول جي صحبت ميسر ايندي، مسجدن ۾ ويهڻ جو ثواب ملندو ۽ ڪيئي شيطاني فتنن کان اسان جي حفاظت رهندي. (5) فتنن کان بچڻ بچائڻ جي لاءِ مدني چينل ڏسڻ ڏيکارڻ جو ذهن ٻڌايو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني چينل اهو واحد چينل آهي جنهن تي نشر ٿيڻ وارو سلسلو عين شريعت جي مطابق هوندو آهي، مدني چينل عشقِ رسول جا جام پياريندو آهي، مدني چينل تي درست اسلامي تعليم کي اجاگر ڪيو ويندو آهي، مدني چينل مقدس هستين جو ادب سيکاري ٿو، تنهنڪري پاڻ بہ مدني چينل ڏسو ۽ گهروارن کي بہ ڏسڻ جي ترغيب ڏياريو، (6) مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ بہ فتنن کان بچڻ جو بهترين ذريعو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول جي صحبت ملندي آهي، سکڻ سيکارڻ جي حلقن ۾ شرڪت جي سعادت نصيب ٿيندي آهي، فڪرِ آخرت جو جذبو ملندو آهي ۽ موت جي تياري جو ذهن ٺهندو آهي، تنهنڪري دعوت اسلامي جي تحت سفر ڪرڻ وارن مدني قافلن ۾ سفر ڪي پنهنجو معمول ٺاهيو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ فتنن کان حفاظت رهندي. (7) فتنن کان حفاظت جي لاءِ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن کي پنهنجو لازم عمل ٺاهيو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جون برڪتون پنهنجي ڪليل اکين سان ڏسڻ نصيب ٿينديون. الله ڪريم هر طرح جي فتني کان اسان جي حفاظت فرمائي، اسان کي ۽ اسان جي آئنده نسلن کي بہ انهن فتنن کان محفوظ فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِی الْاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي:

جنھن منھنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيءِ جنھن مون سان محبت ڪئي اھو جنّت ۾ مون سان گڏ ھوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥)

سُنّتیں عام کریں دِین کا ہم کام کریں      نیک ہوجائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!      صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سُرمو لڳائڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت،اميرِ اَھلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي 101 مدني گل صفحي نمبر27 تان سُرمو لڳائڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا: فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آھي: ”سيني سرمن مان بھتر سرمو ”اِثمِد“ آھي جو اھو نظر کي روشن ڪري ۽ پلڪون وڌائي ٿو“. ( ابن ماجه،٤/ ١١٥ ،حديث :٣٤٩٧ )

❖ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناھي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل زينت جي قصد (يعني زينت جي ارادي) سان مرد کي لڳائڻ مڪروھ آھي ۽ زينت جو ارادو نہ ھجي تہ ڪراھت ناھي. (فتاويٰ هنديه،٥/ ٣٥٩) ❖ سرمو سمھڻ مھل استعمال ڪرڻ سنّت آھي. (مرآةالمناجيح ،٦/١٨٠) ❖ سرمي استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيش خدمت آھي: (1) ڪڏھن ٻنھي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏھن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کاٻي ۾ ٻہ، (3) تہ ڪڏھن ٻنھي اکين ۾ ٻہ ٻہ ۽ وري آخر ۾ ھڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي واري واري سان ٻنھي اکين ۾ لڳايو. (شعب الايمان ج 5 ص 218، 219) اھڙي طرح ڪرڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ٽنھي طريقن تي عمل ٿيندو رھندو. ❖ تڪريم جا جيترا بہ ڪم ھوندا ھئا اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ساڄي پاسي کان شروع ڪندا ھئا، تنھنڪري پھريان سرمو ساڄي اک ۾ پوءِ کاٻي اک ۾ پايو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!      صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب“سنتيں ۽آداب” هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

”قافلے“ کو جو ہر وقت تیّار ہے مرحبا اس سے عطّاؔر کو پیار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِ نَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[1]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## (4) ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَیْہِ رَحمَۃُ اللہِ الہَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام

---

[1]...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[3]...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[3]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰہِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] …القول البديع، الباب الاول، ص125

[2] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[3] … مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305